SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1998

SINDH ORDINANCE NO.III OF 1998

سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1998

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1998

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XII of 1979
3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979
4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 20 جي ترميم
Amendment of section 20 of Sindh Ordinance XII of 1979
5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 23 جي ترميم
Amendment of section 23 of Sindh Ordinance XII of 1979
6. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 37_A جي ترميم
Amendment of section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979
7. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 40 جي ترميم

Amendment of section 40 of Sindh Ordinance XII of 1979

8. 1979 جي سنڌ آردينننس XII جي شيڊول جي ترميم

Amendment of Schedule of Sindh Ordinance XII of 1979

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1998

SINDH ORDINANCE NO.III OF 1998

سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1998

THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1998

[13 مارچ، 1998]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

ڇ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ڇ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (ترميم) آرڊيننس، 1998 سڏيو ويندو.
(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XII of 1979

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڇاڙايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾:
(i) شق (14) ۾، ذيلي دفعہ (c) ۾، لفظن "يا هڪ يونين ڪائونسل" لاءِ لفظن "هڪ يونين ڪائونسل يا ديهہ پنچائت" کي متبادل ڪيو ويندو؛
(ii) شق (15) ۾، لفظن "يا يونين ڪائونسل" لاءِ لفظن "يونين ڪائونسل يا ديهہ پنچائت" کي متبادل ڪيو ويندو؛
(iii) شق (17_A)(18_A) کي ختم ڪيو ويندو.
(iv) شق (47) ۾ آرٽيڪل 'a' ۽ لفظ ' محلي' جي وچ ۾، الفاظ 'ڳوٺ يا' داخل ويندا.
(v) شق (63) ۾، لفظ "يا ديهہ پنچائت" ختم ڪيا ويندا.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. مٿي ذڪر ڪيل آرڊيننس ۾، دفعہ 10 ۾، ذيلي دفعہ (1) ۾، شق (b) ۾، ذيلي شق (i) کي ختم ڪيو ويندو.

4. مٿي ذڪر ڪيل آرڊيننس ۾، دفعہ 20 ۾، ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ "يا ضلعي ڪائونسل يا ديهہ پنچائت جي ميمبر کي چيئرمين بڻجڻ تي يا، جيئن ڪيس هجي، يونين ڪائونسل جو ميمبر" ختم ڪيا ويندا.	1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 20 جي ترميم Amendment of section 20 of Sindh Ordinance XII of 1979
5. جاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 23 ۾، شرطون ختم ڪيون ويندیون.	1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 23 جي ترميم Amendment of section 23 of Sindh Ordinance XII of 1979
6. مٿي ذڪر ڪيل آرڊيننس ۾، دفعہ 37_A ۾، ذيلي دفعہ (1) ۾، شرط جي لاءِ، هيٺ ڏنل متبادل هوندا: _ "بشرطيڪ تہ ڪو بہ شخص جيڪو چونڊ وڙهندو آهي، صرف ان ڪري چونڊ وڙهڻ کان نااهل نہ ٺيندو جو هو ڪنهن سياسي پارٽي جو ميمبر آهي."	1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 37_A جي ترميم Amendment of section 37_A of Sindh Ordinance

	XII of 1979
7. ڇاڻايل آرڊيننس ۾ دفعہ 40 ۾ ذيلي دفعہ (5) کي ختم ڪيو ويندو.	1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 40 جي ترميم Amendment of section 40 of Sindh Ordinance XII of 1979
8. ڇاڻايل آرڊيننس ۾ شيڊول 1 ۾ پيرا 2 ۾ شرطون ختم ڪيون ويندیون.	1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول جي ترميم Amendment of Schedule of Sindh Ordinance XII of 1979

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.